# ١٣. لال بهادر شاستري

ٻُڌو پڙهو ۽ لِکو.



ڀارت رتن، سچي سماج شيوڪ لال بهادر شاستريءَ جو جنم ٢ آڪٽوبر ١٩٠٤ع تي اُتر پرديش جي مُغل سراءِ شهر ۾ ٿيو. هُن جو پتا شاردا پرساد ورما ۽ ماتا رام دُلاري ديوي هُئي.
شاستري اَڃا ڏيڍ سال جو مس هُئو تہ سندس پتا پرلوڪ سڌاريو. سندس ماتا ڪيس ناناڻي گهر، مِرزاپور وٺي ويئي. اُتي ئي سندس پالڻ پوشڻ ٿيو. لال بهادر شاستريءَ ننڍپڻ کان ئي گهڻيئي تڪليفون ڏٺيون. ڪيترا ڀيرا اِسڪول لاءِ ڪيس ندي پار ڪري وڃڻو پوندو هو. لال بهادر شاستري تياڳي پُرش هئو. ايمانداري، فرض اَدائيءَ جي ڀاونا هُن ۾ ڀريل هئي. هوُ تمام سواڀماني هو. سندس رهڻي ڪهڻي ڪاڏو ڀيتو سادو هو. ڪيترا دفعا ڪاڏو بہ پاڻ تيار ڪري ڪائيندو هو ۽ پنهنجا ڪپڙا بہ پاڻ سُبندو هو.
هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي. لال بهادر پنهنجي ساٿين سان رام نگر ۾ ميلو ڏسڻ ويو. اُنهن ڏينهن ۾ بنارس مان رام نگر وڃڻ جو وسيلو ٻيڙي ئي هو. نديءَ تي پُل نہ ٺهيل هئي. لال بهادر پنهنجي دوستن سان سڄو ڏينهن ميلي ۾ گُهميو. شام جو سندس ساٿي ۽ ٻيا ماڻهو بنارس واپس موٽڻ لڳا. ساٿين ڪيس واپس هلڻ لاءِ چيو پر هوُ اُتي ئي ترسيو چو تہ هُن وٽ ٻيڙيءَ جو ڀاڙو نہ هو. جيڪڏهن هوُ ساٿين کي اِها ڳالهہ ٻڌائي ها تہ هوُ ٻيڙيءَ جو ڀاڙو پاڻ ڀري وٺي وڃنس ها. انڪري هوُ شانت رهيو. رات جو ٻارهان تي ويا هئا. لال بهادر ڀڳوان جو نالو وٺي گنگا ۾ ٽپو ڏنو، هوُ ترندو ترندو اَچي ڪناري پهتو.
مهاتما گانڌيءَ جي لَلڪار تي سنہ ١٩٢١ع ۾ ١٧ سالن جي عُمر ۾ هُن قومي هلچل ڏانهن وِڪ وڌائي ۽ 'ڀارت ڇڏيو هلچل' ۾ سرگرم ڀهرو ورتو. هوُ ڪيترا دفعا جيل ۾ بہ ويو. لال بهادر سوديشي هلچل، لوڻ ستياگرهہ، هاري ڪِرانتي هلچل وغيره ۾ اَهم يوگدان ڏنو.
پَنڊت نهروءَ پنهنجي ڪَئبينيٽ ۾ شاستري کي سڀ کان وڌيڪ ڀهڪندڙ رَتن سمجهندو هو. ننڍي يا وڏي مسئلي تي شاستري کان صلاح وٺڻ ضروُري سمجهندو هو.
پَنڊت جواهرلعل نهروءَ کانپوءِ هوُ ديش جو پرڌان منتري بڻيو. لال بهادر شاستريءَ پدُ سنڀاليو ارڙهن مهنا، پر ڪَمُ ڪيائين ارڙهن سالن جا. هُن 'جئہ جوان، جئہ ڪسان' جو نعرو ڏيئي ديش کي پاڻ تي ڀاڙڻ جي راهہ ڏيکاري.
شروعات کان پڇاڙيءَ تائين سندس جيون، اَٽڪ محنت، ڌيرج، تياڳ ۽ تپسيا جو مثال رهيو.
اَهڙي خلق خِدمتگار، ديش ڀڳت، ايشور ڀڳت ۽ سچي ڪرم يوگي لال بهادر شاستريءَ کي اَسانجا ڪروڙين پرڻام.

**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| خوددار - پاڻ تي ڀاڙيندڙ | وِک وڌائڻ - اَڳتي وَڌڻُ | لازمي - ضروُري |
| راهہ ڏيکارڻ - رستو ڏيکارڻ | خلق - عوام، جنتا | خِدمتگار - شيواڌاري |

## اَڀياس

سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب هِڪ ٻن سٽن ۾ لکو :-

١) لال بهادُر شاستريءَ جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟

٢) هو اِسڪول ڪيئن ويندو هو؟

٣) هڪ دفعي شاستري دوستن سان ڪٿي گُهمڻ ويو؟

٤) لال بهادُر شاستريءَ جي خودداريءَ جا ٻه مثال ڏيو.

٥) لال بهادُر شاستريءَ ڪهڙو نعرو ڏنو؟

سوال ٢ : هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب ڏيو :-

١) لال بهادُر شاستريءَ جي رهڻي ڪهڻي ڪهڙي هُئي.

٢) ديش جي آزاديءَ جي هلچل ۾ شاستري ڪهڙو يوگدان ڏنو؟

سوال ٣ : هيٺين جملن مان صِفت ڳولهيو؟

١) لال بهادُر شاستري هوشيار ٻار هو. [ ]

٢) رام ايماندارُ ڇوڪرو آهي. [ ]

٣) ’اَنبُ تمامُ مِٺو آهي. [ ]

٤) ماستر شاگرد کان پنج سوال پڇيا. [ ]

سوال ٤ : هيٺيان خال ڀريو :-

١) لال بهادُر شاستري وٽ ..... جو پاڙو ڪونه هو.

٢) پنڊت نهروُ پنهنجي ڪئبينيٽ ۾ شاستريءَ کي سڀ کان وڌيڪ ڀِڪنڌڙ ...... سمجهندو هو.

٣) ماتا کيس ناناڻي گهر ......... وٺي ويئي.

سوال ٥ : ضد لکو :-

گُڻ .................. ايماندار .................. اڻپورو .................. نِنڊيو .................. سچ ..........................

**هدايت :** ماستر شاگردن کي لعل بهادر شاستيءَ بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏيندو.

**مشغولي :** لعل بهادر شاستريءَ جي جيونيءَ بابت ڏهہ جملا لکو.

## پورڪ اَڀياس

هيٺيون ٽڪر پڙهي ڏنل مشغوليون ڪريو.

مهاتما گانڌيءَ کي راشٽرپتا ڪري مڃيو ويندو آهي. مهاتما گانڌيءَ جو جنم ٢ آڪٽوبر ١٨٦٩ع ۾ سوراشٽر جي پوربندر ۾ ٿيو. سندس نالو موهنداس هو ۽ پتا جو نالو ڪرمچند ۽ ماتا جو نالو پتلي ٻائي هو. سندس ماءُ ڏاڍي ڌارمڪ ويچارن جي هئي. ننڍي هوندي هوُ ٻُري سنگت جو شڪار ٿيو. پر جيئن ئي پاڻ سنڀاليائين، پنهنجي پيءُ سامهون پڇتاءُ ظاهر ڪيو. پوءِ اڳيان هلي هو آدرشي انسان بڻيو.

۱. ٽڪر ۾ ڏنل نالا ڳولهي گولن ۾ لکو.

۲. ٽڪر مان اهي لفظ ڳولهيو جيڪي هنديءَ ۾ به استعمال ڪيا ويندا آهن.

مثال : ڏارمڪ

، ، ،

## آواز جي غليظائي

### پڙهو. سمجهو ۽ عمل ۾ آڻيو.

اَسان جا ڪن شيشي جا هجن ها ته ڦاٽي پون ها.




- سيني سان آهستي ڳالهايو.
- گهر ۾ ريڊيو، ٽيپ رڪارڊر يا ٽي. ويءَ جو آواز گهٽ رکو.
- آواز ڪرڻ وارين شين جو آواز گهٽ رکو.
- عام جڳهين تي وڏن اسپيڪرن ۽ اَئمپليفاير ذريعي سنگيت گانا نه وڄايو.
- آوازي ڦٽاڪا نه ٻاريو.
- ڪار وغيره هلائڻ وقت بنا سبب جي هارن نه وڄايو.

**ڌيان رکو :** اَسانجي ڪن جو پردو تمام نازڪ هوندو آهي. آواز جي غليظائي سبب دائما ٻوڙاپ ٿي سگهي ٿي.

**مشغولي :** (۱) آواز جي غليظائيءَ سبب اسانکي ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون ٿي سگهن ٿيون؟ گهر وارن يا اَڌياپڪ جي مدد سان چارٽ حاصل ڪري لکو.

(۲) پاڙيءَ ڪي غليظ ٿيڻ کان ڪيئن روڪي سگهجي ٿو؟ لِکو.